SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.XIV OF 2014

# The Sindh Criminal Prosecution Service (Constitution, Functions & Powers) (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV، مجريه 2014

# سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2014

## فهرست (Contents)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

2. سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2010 جي دفعه 6 ۾ تبديلي.
Amendment in Section 6 of the Sindh Act IX of 2010.

3. سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعه 7 جو نعم البدل.
Amendment in Section 7 of the Sindh Act IX of 2010.

# SINDH ACT NO.XIV OF 2014

# The Sindh Criminal Prosecution Service (Constitution, Functions & Powers) (Amendment) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV، مجريہ 2014

# سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ، 2014

[11 جون 2014]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس (ڪانسٽيٽيوشن، فنڪشنس اينڊ پاورس) ايڪٽ، 2009 (Constitution , Functions & Powers) کي تبديل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ڪرمنل پراسيڪوڪيشن سروس (ڪانسٽيٽوشن، فنڪشن اينڊ پاورس) ايڪٽ کي تبديل ڪرڻ جي تقاضا آهي.

جنهن ڪي هن ريت بدلايو پيو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ فوجداري ڏوهن متعلق استغاثي واري خدمت (جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار) (ترميم) ايڪٽ 2014 ( The Sindh Criminal Prosecution Service (Constitution, Functions & Powers) (Amendment) Act, 2014 چيو ويندو.

(2) هي ايڪٽ سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيندو.

(3) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2010 جي دفعہ 6 ۾ تبديلي. Amendment in Section 6 of the Sindh Act IX of 2010.

2. تبديليءَ هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾ هن ريت تبديلي آڻجي ٿي.

(i) ذيلي دفعہ (3) ۾ هي رکيو ويندو.

"(3) پراسيڪيوٽر جنرل، حڪومت جي رضامندي تائين پنهنجي عهدي تي برقرار رهي سگهندو.

(ii) ذيلي دفعہ [7] ۾ لفظ "حوالي ڪرڻ" (delegate) بدران "ڏيڻ"

(assign) رکيو ويندو.

3. تبديلي هيٺ آيل ايڪٽ جي دفعہ 7 ۾ هيٺيون تبديلي رکي ويندي:

”7. ان ماڻهوءَ کي پراسيڪيوٽر جنرل مقرر نہ ٿو ڪري سگهجي، جيڪو پاڪستاني شهري ناهي، ۽ 45 هن سالن جي ڄمار کان گهٽ جو ۽ هن ڏهن سالن کان گهٽ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت نہ ڪئي هجي.“

سنڌ ايڪٽ نمبر IX جي دفعہ 7 جو نعم البدل.
Amendment in Section 7 of the Sindh Act IX of 2010.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**